# ڪامِل مؤمن ڪير...؟

**27-June-2024**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

27 جون، 2024ء (متوقع اسلامي تاريخ: 20 ذُوالحج، 1445ھ) تي پاڪستان جي
هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# كامل مؤمن كير...؟

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ......

✿... ايمان وارو ٿيڻ جون برڪتون

✿... اُمّت مصطفيٰ خيرُ الْاُمَم آهي

✿... ڪامل مومن جا ڪجھ پيارا پيارا اخلاق

✿... امام حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو خوفِ خدا

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ؕ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم :جنهن مون تي صبح ۽ شام 10، 10 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو، ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شَفاعت ملندي.[1]

کہیں گے اور نبی اِذۡهَبُوۡا اِلٰی غَيۡرِیۡ | مرے حضور کے لَب پر اَنَا لَهَا ہو گا[2]

**وضاحت:** قيامت جي ڏينهن جڏهن ماڻهو مختلف نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَام جي خِدمت ۾ شَفاعت جو سوال ڪٽي حاضِر ٿيندا تہ سيئي نبي سڳورا هي فرمائيندا : اِذۡهَبُوۡا اِلٰی غَيۡرِیۡ يعني مون کان علاوه ڪنهن ٻئي وٽ وڃو! پر جڏهن ماڻهو بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيندا تہ پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائيندا: اَنَا لَهَا، اَنَا لَهَا يعني هن ڪم (يعني شفاعت جي لاءِ مان ئي آهيان.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

---

[1].. مجمع الزوائد، ڪتاب الاذڪار، جلد:10، صفحہ:120، حديث:17022۔

[2]...ذوق نعت، صفحہ:54۔

**اي عاشقانِ رسول!** سني نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن پر يعني التَّحِيَّات ۾ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتاً سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جڏهن هڪ غير مسلم ڪلمو پڙهيو

عبدالواحد بن زيد چون ٿا: هڪ ڀيرو مان ساموندي سفر ۾ هئس، اوچتو تيز هوائون هلڻ لڳيون، انهن هوائن اسان کي هڪ سنسان جزيري ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. جڏهن اسان ان جزيري تي لٿاسين تہ ڏٺوسين تہ اتي هڪ شخص غيرُاللّٰه جي عبادت ۾ مشغول آهي. اسان چيو: اسان تہ اهڙي مشرڪ کي پاڻ سان گڏ سوار نہ ڪنداسين. ان مشرڪ چيو: اوهان ڪنهن جي عبادت ڪندا آهيو؟ اسان چيو: اللّٰه پاڪ جي. پڇيائين: اللّٰه ڪير آهي؟ اسان چيو: اهو ئي جنهن جو عرش آسمانن کان متاهون آهي ۽ حڪومت زمين تي (بہ) آهي. مشرڪ پڇيو: اوهان کي ان جو علم ڪيئن ٿيو؟ اسان چيو: اللّٰه پاڪ پنهنجو هڪ رسول موڪليو، ان معجزا ڏيکاريا، ان ئي رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي اللّٰه پاڪ جي خبر ڏني. مشرڪ چيو: پوءِ توهان جي ان رسول جو ڇا ٿيو؟ اسان چيو: جڏهن انهن اللّٰه پاڪ جو پيغام پورو پورو اسان تائين پهچائي ڇڏيو تہ ربّ ڪريم کين پاڻ وٽ گهرائي ورتو. مشرڪ چيو: ڇا انهن جي ڪا نشاني اوهان وٽ آهي؟ اسان جواب ڏنو: ها! اللّٰه پاڪ جو ڪتاب آهي. چيائين: آڻيو! مون کي ڏيکاريو!

[1]...بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

هاڻي اسان ان کي قرآنِ ڪريم ڏيکاريو. ان ڏسڻ کان پوءِ چيو: مون کي تہ هي پڙهڻ نٿو اچي. جيئن تہ اسان ان کي پڙهي ٻڌايو.

الله! الله! قرآنِ ڪريم جي ڇا تہ نرالي شان آهي، اسان جيئن ئي تلاوت ڪئي، قرآنِ مجيد جي مقدس لفظن جو اثر تير ٻڻجي سندس دل تي لڳو، هاڻي اهو تلاوت ٻڌندو رهيو، روئندو رهيو، آخر ۾ چيائين: هي جنهن هستي جو ڪلام آهي، حق ٿو ٿئي تہ ان جي نافرماني نہ ڪئي وڃي. هي چئي ان اڳوڻي مشرڪ ڪلمو پڙهيو ۽ مسلمان ٿي ويو.

هاڻي اسان ان کي پاڻ سان گڏ بحري جهاز ۾ سوار ڪري ورتو. رستي ۾ اسان ان کي قرآنِ ڪريم جي هڪ سورت بہ سيکاري. جڏهن رات ٿي تہ اسان سيئي پنهنجن بسترن ڏانهن وڌياسين، ان نئين مسلمان چيو: اي قوم! اهو خدا جنهن جي سڃاڻپ اوهان مون کي ڪرائي، ڇا اهو سمهندو آهي؟ اسان چيو: نہ، اهو حَيّ و قَيُّوم آهي، ان کي نہ ننڊ ايندي آهي، نہ جهوٽو ايندو آهي. هي ٻڌي ڪري ان نئين مسلمان چيو: هي بي ادبي آهي تہ ٻانهو پنهنجي مالڪ جي اڳيان سمهي رهي. هي چئي ڪري اهو اٿي ويهي رهيو، سڄي رات اٿي ويٺو روئندو رهيو، روئندو رهيو، ايتري تائين جو صبح ٿي وئي.

عبد الواحد بن زيد فرمائن ٿا: جڏهن اسان عِبادان (نالي شهر) ۾ پهتاسين تہ اسان دوستن گڏجي ڪجهہ رقم جمع ڪئي ۽ ان نئين مسلمان کي ڏني. رقم ڏسي ان چيو: هي ڇا آهي؟ اسان چيو: اسان تنهنجي مدد ڪري رهيا آهيون. ان بي نيازي سان چيو: سُبْحٰنَ الله! توهان مون کي اهو رستو ڏيکاريو جيڪو توهان پاڻ بہ نہ ٿا ڄاڻو. پلا جڏهن مان جزيري تي هئس، غيرالله جي عبادت ڪندو هئس، الله پاڪ ان وقت مون کي بکيو نہ ڇڏيو تہ هاڻي ڪيئن ضايع فرمائيندو؟ هي چئي ڪري اهو اسان کان جدا ٿي ويو.

ڪافي عرصي کان پوءِ مون کي خبر ملي تہ اهو نئون مسلمان نزع جي حالت

۾ آهي، مان جلدي سان ان وٽ پهتس. سلام ڪيو. پڇيو: ڪا حاجت آهي؟ چيائين: اهو ڪائنات جو ربّ جنهن کي مان سڃاڻندو بہ نہ هئس، ان توهان کي جزيري تي موڪلي منهنجي حاجت پوري فرمائي هئي، هاڻي ڪا حاجت نہ آهي. فرمائن ٿا: ان کان ڪجهہ ئي دير بعد ان نئين مسلم جو روح پرواز ڪري ويو ۽ ربّ جي حضور حاضر ٿي ويو.

هاڻي مون ان جي تجهيز و تڪفين وغيره ڪئي، جنازو پڙهيو ۽ دفن ڪري ڇڏيو. رات جو مون کي خواب آيو تہ هڪ خوبصورت گنبذ آهي، ان جي هيٺان پيارو تخت وڇايل آهي، تخت تي هڪ نهايت خوبصورت حور ويٺي آهي ۽ اهو نئون مسلمان تمام سٺي حالت ۾ حور جي ويجهو ويٺو آهي، حور ان کي بار بار چئي رهي آهي:(1)

| | |
|---|---|
| سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ ﴿۲۴﴾ (پاره:13، الرعد:24) | ترجموڪنزالعرفان: توهان تي سلامتي هجي ڇوتہ توهان صبر ڪيو پوءِ آخرت جو گهر ڪهڙو نہ سٺو آهي. |

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي...!! ربّ رحمٰن جنهن تي رحم فرمائي، اُن جا ڀاڳ ئي کلي ويندا آهن. اسان اَلحَمْدُلِلّٰه! مسلمان آهيون، اهل ايمان آهيون، اچو! الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شڪريو ادا ڪيون ٿا:

| | |
|---|---|
| دولتِ ایماں عطا کی، اپنے دامَن میں لیا | کفر سے ہم بینواؤں کو بچایا شکریہ |
| گرچہ شیطاں ہر گھڑی ایمان کی ہے گھات میں | تم نے تھاما، جب کبھی میں ڈگمگایا شکریہ |
| مُنہ لگاتا تھا کہاں دُنیا میں کوئی بھی مجھے | ایسے ناکارہ نکمّے کو نبھایا شکریہ |
| خاتمہ بالخیر ہو میرا مدینے میں اگر | بال بال اُٹھے پُکار اپنا، خُدایا...!! شکریہ! |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... مواعظِ ابن جوزی، ص:۴۰

## ايمان وارو ٿيڻ جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! اسان مسلمان آهيون، الله پاڪ پنهنجي فضل سان اسان کي ايمان جي دولت سان نوازيو آهي، يقيناً هي تمام وڏي بلڪ سڀني کان وڏي عنايت آهي. سڀني فضيلتن، سڀني عنايتن، سڀني نعمتن جي اصل ئي ايمان آهي. جڏهن ايمان ملي ويندو آهي، تڏهن ئي بانهو الله پاڪ جي خاص رحمتن جو حقدار ٿي ويندو آهي. جڏهن ايمان ملي ويندو آهي، تڏهن بانهو ڪامياب ٿي ويندو آهي. جڏهن ايمان ملي ويندو آهي، تڏهن بانهو جنت جو حقدار ٿي ويندو آهي. الله پاڪ ايمان وارن تي خاص ڪرم فرمائي ٿو. ❁ ايمان واري کي پاڪيزه زندگي عطا ڪئي وڃي ٿي. ❁ ايمان واري جون نيڪيون قبول ڪيون وڃن ٿيون. ❁ ايمان واري جا گناهه معاف ڪيا وڃن ٿا. ❁ ايمان واري جي قبر جنت جو باغ بڻجي ٿي. ❁ ايمان واري کي راحت ۽ سڪون نصيب ٿئي ٿو. ❁ ۽ ايمان وارو ئي آهي جنهن لاءِ آخرت جون سڀ نعمتون تيار ڪيون ويون آهن. بي ايمان، غير مسلم ماڻهو ته رب جا نافرمان آهن، ان جي رحمت کان پري، ان جي غضب جا حقدار ۽ هميشه هميشه جهنم ۾ رهڻ جي لائق آهن بلڪ سچي ڳالهه ته هي آهي ته جيڪو بي ايمان آهي، غير مسلم آهي اهو حقيقت ۾ انسان سڏائڻ جو به حقدار ناهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو.

| | |
|---|---|
| أُولَٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ ؕ<br>(پاره:9، الاعراف:179) | ترجموڪنزالعرفان: هي ماڻهو جانورن وانگر آهن بلڪ انهن کان به وڌيڪ ڀٽڪيل. |

اَلحَمْدُلله! الله پاڪ اسان کي ايمان جي دولت نصيب فرمائي آهي، ربّ ڪريم اسان کي ان تي استقامت نصيب فرمائي، مرندي وقت تائين مسلمان رهڻ،

ايمان جي حالت ۾ ئي قبر ۾ لهڻ ۽ قيامت جي ڏينهن اٿڻ نصيب فرمائي.

محبّت میں اپنی گُما یاالٰہی نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی!
عبادت میں گزرے مری زندگانی کرم ہو کرم یاخدا یاالٰہی!
مسلماں ہے عطّار تیری عطا سے ہو ایمان پر خاتِمہ یاالٰہی! (1)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## كامل مؤمن جون نشانيون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ايمان جي دولت نصيب ٿي، هي ڪرم ته ٿي ويو، هي ايمان جي دولت ملڻ کان پوءِ به اسان جي هڪ ذميواري آهي ۽ هي ذميواري به الله پاڪ ئي لڳائي آهي. جي ها! قرآنِ ڪريم ۾ حڪم ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اٰمِنُوْا (پاره: 5، النساء: 136) | ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! ايمان رکو! |

هتي ڏسو! خطاب ايمان وارن کي آهي ۽ حڪم ڏنو پيو وڃي: ايمان آڻيو! اهي پهرين ئي ايمان وارا آهن، پوءِ هاڻي ايمان آڻڻ جو ڇا مطلب آهي؟ مفسر عالم سڳورا ان جي وضاحت ڪن ٿا: اِزْدَادُوا فِي الْاِيْمَانِ يعني معنيٰ هي آهي ته اي ايمان وارؤ! پنهنجي ايمان کي وڌيڪ مضبوط ڪيو! (2) ❁ ڪلمو ته پڙهي ورتو، هاڻي ان تي استقامت سان قائم به رهو! ❁ ڪلمو ته پڙهي ورتو ، هاڻي ان جي تقاضن تي به عمل ڪريو! ❁ ڪلمو ته پڙهي ورتو، هاڻي ايمان جا شعبا گهڻا آهن، انهن شعبن کي به اختيار ڪريو! ❁ ڪلمو ته پڙهي ورتو، هاڻي

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:105۔

2...روح المعانی، پارہ:5، النساء، زیرِ آیت:136، جز:5، جلد:3، صفحہ:221۔

ايمان ۾ وڌ کان وڌ ترقي ڪندا هلندا وجو! ۞ ڪلمو تہ پڙهي ورتو، هاڻي پنهنجي ايمان جي ڪمال درجي جي فڪر ۾ لڳي وڃو!

يہ شہادت گہِ اُلفت میں قدم رکھنا ہے | لوگ آسان سمجھتے ہیں مسلماں ہونا(1)

وضاحت: يعني دائرهٔ اسلام الله ۽ رسول جي محبت ۾ تن، من، ڌن جي بازي لڳائي ڇڏڻ جي جاءِ آهي، هي اهو ميدان آهي جتي پهچي سڀ ڪجهہ ربّ جي نالي تي قربان ڪرڻو هوندو آهي، ماڻهو ان کي آسان سمجهن ٿا.

## بلند درجات ڪمالِ ايمان سان ملندا آهن.

مطلب هي آهي تہ جنهن ڪلمو پڙهي ورتو، سچّي دل سان پڙهيو، هاڻي جيڪڏهن اهو مرڻ گهڙي تائين ان تي قائم رهي ٿو، حالتِ ايمان ۾ ئي قبر ۾ لهي ٿو، اهو جنت جو حقدار تہ آهي، پر فضيلت ان ۾ آهي تہ ٻانهو هن ڪلمي جي تقاضن کي بہ نڀائي، جنت ايمان جي ذريعي ملي ويندي آهي پر درجات جي بلندي ايمان جي ڪمال ۽ ان جي تقاضن تي عمل ڪري نصيب ٿيندي آهي.

اسان جيڪڏهن غور ڪريون تہ اسان مان گهڻو ڪري صرف ان ڪري مسلمان آهن ڇو تہ مسلمانن جي گهر ۾ پيدا ٿيا هئا، هي بہ الله پاڪ جي تمام وڏي عنايت آهي، ان اسان کي مسلمان گهر ۾ پيدا فرمايو، ننڍپڻ ۾ ئي ڪلمو نصيب ٿي ويو. غير مسلم گهر ۾ پيدا ٿيون ها تہ نہ ڄاڻ ڪتي ذليل ۽ خوار ٿيون ها. هي ان جو ڪرم آهي.

پر سوچڻ جي ڳالهہ آهي، مثال طور هڪ ماڻهو آهي، ان کي پنهنجي والد جي وراثت مان هڪ ڪروڙ روپيا مليا، ڇا سمجهو ٿا؟ اهو ان ڪروڙ روپين کي تجوري ۾ رکي آرام سان ويهي رهندو؟ نہ...!! ان مان ڪاروبار ڪندو، هن هڪ ڪروڙ کي ٻہ، ٽي، چار ڪروڙ بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو. هاڻي غور فرمايو! ايمان اسان کي وراثت ۾ مليو آهي، ڪلمو اسان ماءُ جي هنج ۾ پڙهي

[1] ...اقبال؟؟؟۔

ورتو هو ۽ هي ايمان هڪ ڪروڙ نہ پر دنيا جي سڄي دولت کان وڏي دولت آهي پر اسان جي حالت ڏسو! هي دولت وراثت ۾ ملي وئي هئي، بس اسان ان تي مطمئن آهيون، ان ۾ اضافي جي فڪر ئي ناهي، ان کي وڌ کان وڌ مضبوط ڪندو وڃڻ، ايمان جي درجات ۾ اڳتي کان اڳتي وڌندو وڃڻ جي اسان ڪا فڪر ئي نٿا ڪريون.

الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي، هي بہ اسان جي ذميواري آهي، ربّ ڪريم فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اٰمِنُوْا (پاره: 5، النساء: 136) | ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! ايمان رکو! |

يعني اي ايمان وارؤ! پنهنجي ايمان جي فڪر ڪيو! اُن کي وڌ کان وڌ مضبوط ڪندا وڃو!

الله پاڪ اسان کي اُن جي توفيق نصيب فرمائي. اچو! ڪامل مومن جون نشانيون ٻڌون ٿا، پوءِ انهن کي اپنائڻ جي بہ نيّت ڪيون ٿا:

## (1) ڪامل مؤمن فضوليات کان بچندو آهي

ڪامل مومن جي هڪ بنيادي نشاني هيءَ هوندي آهي تہ هُو فضول ڪمن کان بچندو آهي، الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ۟ۙ (پاره:18، اَلْمُؤمِنُوْن:3) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهي جيڪي فضول ڳالهہ کان منهن موڙيندڙ آهن، |

يعني ڪامياب مومن اهو هوندو آهي جيڪو هر فضول ۽ باطل شيءِ کان پري رهندو آهي.

## اسان ۾ فضوليات

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪامل مؤمن جون نشانيون آهن، ڪامل مؤمن وقت جو قدر ڪندڙ هوندو آهي، پنهنجي قيمتي وقت کي فضول ڪمن ۾ ناهي وڃائيندو. ڇوته جيڪو ايمان وارو هوندو آهي اهو ڄاڻندو آهي ته: ❁مون کي هي زندگي فضول ۾ ناهي ڏني وئي ❁ مون کي مرڻو آهي❁ قيامت جي ڏينهن اٿڻو آهي❁ رب جي حضور حاضر ٿيڻو آهي❁پنهنجي زندگي جي هڪ هڪ لمحي جو حساب ڏيڻو آهي ❁ ڇوته هو رب جي حضور حاضري کان ڊڄندو آهي❁ ڇوته هو قيامت جي حساب جي فڪر ڪندو آهي ❁ ڇو ته هو پنهنجي زندگي جي هڪ هڪ لمحي جو ذميوار آهي، تنهنڪري هو پنهنجو وقت فضوليات ۾ نه گذاريندو آهي، پنهنجي وقت جي قدر ڪندو آهي.

پر افسوس! اڄ اسان مسلمانن جي حالت تمام نازڪ آهي، فضوليات جي انتهائي ڪثرت آهي، جنهن کي ڏسو پنهنجو وقت برباد ڪرڻ ۾ لڳل آهي: ❁ ڪڏهن سالگره جي نالي تي❁ ڪڏهن نيو ائير نائيٽ جي نالي تي❁ ڪڏهن اينِي ورسري (*AnnieVersary*) جي نالي تي❁ ڪڏهن پڪنڪ جي نالي تي گناهن ڀريا فنڪشنز رکيا ويندا آهن، ڪيترائي ڪلاڪ فضوليات نه پر گناهن جي نذر ڪيا ويندا آهن. ❁ يقيناً سالگره ڪرڻ ڪو گناهه جو ڪم ناهي پر اسان وٽ ان جو جيڪو انداز اختيار ڪيو ويو آهي، هي فضوليات بلڪ گناهن وارو آهي. افسوس! اڄ مسلمانن جو مقصدِ حيات صرف ڪائو، پيو ۽ جان ٺاهيو تي ڪري رهجي ويو آهي: ❁ دوستن جون گڏجاڻيون آهن❁ هوٽلنگ جي ڪثرت آهي❁ ڪيترائي ڪلاڪ بلڪ راتين جون راتيون ڪچهرين جي نذر ڪيون وينديون آهن❁ پوءِ باقي ڪمي موبائل ۽ سوشل ميڊيا پوري ڪري ڇڏي آهي❁ هڪ وقت هو جڏهن نادان ٻار والدين کان لڪي لڪي وڊيو گيمز کيڏندا هئا❁ گهر ۾ ته ان جا اسباب ئي نه هئا، ٻار ٻاهر دڪانن تي ويندا هئا ۽

ان ۾ به ڏپ هوندو هو ته ڪٿي ابو(پيءُ) ڏسي نه وني، ڪو رشتيدار ڏسي منهنجي شڪايت نه لڳائي۞ هاڻي هي حالت آهي ته والدين پاڻ ٻارن کي وڊيو گيمز جو سامان آڻي ڏيندا آهن۞ بلڪ پاڻ به کيڏندا آهن۞ عجيب ۽ غريب قسم جون اخلاق بگاڙيندڙ گيمون اچي چڪيون آهن۞ ٻا ٻار، ٻا جوان، اولاد، والدين سڀ لڳل آهن۞ فيس بڪ، يوٽيوب تي پوسٽون ڏسندا رهن ٿا، ريلز، شارٽس ڏسندا رهن ٿا۞ فضول سڪروولنگ ڪندا رهن ٿا، ڪندا رهن ٿا، ڪيترائي ڪلاڪ انهن فضوليات جي نذر ٿي ويندا آهن۞ راتيون گذري ويندي ون آهن۞ ننڊ پوري نه ٿيندي آهي۞ طبيعت خراب ٿيندي آهي۞ ڪرڻ جا ڪم اڌورا رهجي ويندا آهن.

آه! افسوس !

| | |
|---|---|
| زمانے کے انداز بدلے گئے | نیا راگ ہے، ساز بدلے گئے |
| حقیقت خرافات میں کھو گئی | یہ اُمّت روایات میں کھو گئی |
| بجھی عشق کی آگ اندھیر ہے | مسلماں نہیں خاک کا ڈھیر ہے |

**وضاحت**: زماني جو انداز ئي بدلجي ويو، هاڻي ته ٻوليون ئي بدلجي ويون، نوان نوان طور طريقا اختيار ڪيا پيا وڃن، افسوس! حقيقت جي جاءِ خرافات وني چڏي آهي، افسوس! هي اُمت پنهنجي اصل روايتن کي وساري ويٺي آهي، ها! ها! عشق جي باه وسامي وئي، اونداهي ڇائنجي وئي، مسلمان جيڪي قوتِ عشق سان بلند ۽ بالا هئا، مٽيءَ جو ڍير بڻجي ويا آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! يقين ڪريو! فضوليات ۾ پوڻ، وقت برباد ڪرڻ مسلمان جي شان جي خلاف آهي. هڪ سچي مسلمان جي زندگي ۾ فراغت نالي ڪو لفظ ناهي، اسان وٽ چوندا آهن ته فارغ هيس ته دل وندرائڻ لاءِ هي ڪرڻ

لڳس، ائين ئي ٿائيم پاس ڪري رهيو آهيان وغيره. هي ايمان وارن جو انداز ناهي، هڪ مسلمان ڪڏهن فارغ ٿي ئي نٿو سگهي، الله پاڪ فرمايو آهي.

| | |
|---|---|
| فَاِذَا فَرَغۡتَ فَانۡصَبۡ ۙ﴿۷﴾ (پاره:30، اَلَم نَشۡرَح:7) | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جڏهن توهان فارغ هجو تہ خوب ڪوشش ڪيو. |

قاضي شُرَيح رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه 2 ماڻهن کي فضول ڪم ڪندي ڏٺو، فرمايائون: اَلۡفَارِغُ مَا اَمَرَ بِهٰذَا يعني فارغ ماڻهو کي هن ڪم جو حڪم ناهي ڏنو ويو، الله پاڪ فرمائي ٿو:[1]

| | |
|---|---|
| فَاِذَا فَرَغۡتَ فَانۡصَبۡ ۙ﴿۷﴾ (پاره:30، اَلَم نَشۡرَح:7) | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جڏهن توهان فارغ هجو تہ خوب ڪوشش ڪيو. |

يعني پنهنجي فارغ وقت کي عبادت ۾ صرف ڪيو! مطلب اهو آهي تہ جڏهن هڪ عبادت کان فارغ ٿيو تہ ٻي شروع ڪيو ۽ ڪوبہ وقت عبادت کان خالي نہ رهي ڇوتہ دنيا کي پيدا ڪرڻ جو مقصد بہ اهو ئي آهي.[2]

زندگی آمد برائے بندگی | زندگی بے بندگی شرمندگی

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سمهڻ جو وقت ناهي ملندو

هڪ ڀيرو حضرت معاويہ بن خَدِيج رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت

---

[1]...تفسيرِ ڪبير، پاره:30، الم نشرح، زيرِ آيت:7، جلد:11، صفحه:209۔
[2]...تفسيرِ ڪبير، پاره:30، الم نشرح، زيرِ آيت:7، جلد:11، صفحه:209۔

فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيو، حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ان وقت مسجد ۾ ليٽيل هئا، اهو ڏسي ڪري حضرت معاويہ بن خُدِيج رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ چيو اَمِيرالمؤمنين سمي رهيا آهن...!!

حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ هي ٻڌي ڪري هڪدم اٿيا، فرمايائون: مُعاويہ اوهان هاڻي ڇا چيو؟ عرض ڪيائين: مون چيو: اَمِيرُالمؤمنين سُمهي رهيا آهن، فرمايائون: **مُعَاويہ! مان ڏينهن جو سمهي رهان تہ رعايا کي برباد ڪري ڇڏيندس. رات جو سمهي رهان تہ پاڻ کي برباد ڪري ڇڏيندس(يعني الله پاڪ جي عبادت کان محروم ٿي ويندس). جڏهن هي صورت آهي تہ پوءِ مان ڪيئن ٿو سمهي سگهان؟**(1)

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! هي اهلِ ايمان هئا..!! هي ڪامل ايمان وارا هئا، انهن کي سمهڻ جو وقت نہ ملندو هو، ۽ اسان....!! اسان جي حالت اها آهي جو

دِن لَہو میں کھونا تجھے، شب صبح تک سونا تجھے
شرمِ نبی، خوفِ خُدا، یہ بھی نہیں، وہ بھی نہیں (2)

وضاحت: يعني ڏينهن فضوليات ۾ گذري ويندو آهي، رات جو غفلت جي ننڊ سمهي پوندا آهيون، نہ شرمِ نبي، نہ خوفِ خُدا، ڪجھ بہ ناهي.

لگا تکیہ گُناہوں کا پڑا دِن رات سوتا ہوں
مجھے اب خوابِ غفلت سے جگا دو یارسولَ اللہ! (3)

الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. پنهنجي وقت جي قدر ڪرڻ سکي وٺون، ❁ پنهنجو جدول ٺاهيون❁ هڪ هڪ منٽ جو حساب رکون ڪجھ وقت

---

1...الزهد لابن حنبل، زهد عمر بن الخطاب، صفحہ:162، رقم:646 ملخصاً بتصرف۔

2...حدائقِ بخشش، صفحہ:111۔

3...وسائلِ بخشش، صفحہ:111۔

حلال كمائڻ كائڻ جو هجي ❁ كجھ اهلِ خانہ جي لاءِ هجي ❁ كجھ وقت عبادت جي لاءِ هجي، ايئن تقسيم كاري كري پنهنجو جدول ٺاهيون، پوءِ استقامت سان اُن تي عمل بہ كندا رهون، اللّٰه پاڪ اسان كي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

امير اهل سنت مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو نهايت ئي پيارو رسالو آهي: انمول هيرا. اُن كي پڙهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! وقت جو قدر كرڻ جو ذهن ٺهندو. هن رسالي ۾ جدول ٺاهڻ جو طريقو بہ لکيل آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) نمازن جي حفاظت كرڻ وارو

پيارا اسلامي ڀائرو! كامل مؤمن جي ٻي نشاني هي آهي تہ اهو نمازن جي حِفاظت كرڻ وارو هوندو آهي. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ الَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَوٰتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ﴿۹﴾ (پاره:18، اَلْمُؤمِنُون:9) | ترجموكنزالعرفان: ۽ اهي جيكي پنهنجي نمازن جي حفاظت كن ٿا. |

اللّٰه اكبر! هي بہ كامل مؤمن جو هڪ اهم وصف آهي، جيكو كامل ايمان وارو آهي ❁ اهو پنهنجي نمازن جي حفاظت كندو آهي❁ نمازون قضا ناهي كندو ❁ نمازن جي وقتن جو خيال رکندو آهي ❁ نماز چڱي طرح پڙهندو آهي ❁ خشوع و خضوع سان نماز ادا كندو آهي.

پر افسوس! اڄكلھ هن مُعاملي ۾ بہ حالات تمام نازڪ آهن، نمازين جي تعداد نہ هجڻ جي برابر آهي. حالانڪ نماز انتهائي اهم ترين عبادت آهي.

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت فاروق اعظم رضی اللہ عنہ جو فرمان آهي: **جيڪو نمازن جي حفاظت نٿو ڪري، ان جو دين ۾ ڪو حصّو ناهي.** (1) ڪاش! اسان ڪي نمازن جي فِڪر نصيب ٿي وڃي.

توهان قرآن ڪريم پڙهو! پنجين سيپاري ۾ **نمازِ خوف** جو بيان آهي، نمازِ خوف ڇا ٿيندي آهي؟ جنگ جي حالت ۾ پڙهي ويندڙ نماز...!! هڪ ڀيرو غير مسلمَن سازش ڪئي هئي ته مسلمانن کي نماز گهڻي عزيز آهي، جڏهن هي نماز پڙهي رهيا هوندا ته اسين انهن تي حملو ڪري ڇڏينداسين. الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّمَ کي نمازِ خوف جو حڪم ڏنو ته عين حالتِ نماز ۾ جڏهن نماز جو وقت ٿي وڃي ته پوءِ ائين ڪيو جو اڌ صحابي سڳورا نماز ۾ شريڪ ٿين، اڌ حفاظت ڪن، پوءِ باقي اڌ نمازِ باجماعت ۾ شامل ٿين ۽ پهريان وارا حفاظت ڪن. غرض نمازِ خوف جو هڪ پورو طريقو آهي، جيڪو ڪتابن ۾ لکيل آهي.

عرض ڪرڻ جو مقصد هي آهي ته اڄ اسان معمولي ڪمن جي ڪري نماز قضا ڪري ڇڏيندا آهيون، جماعت ڇڏي ڏيندا آهيون جڏهن ته نماز ايتري اهم آهي جو عين حالتِ جنگ ۾ جڏهن غير مسلم حملو ڪرڻ جي منصوبابندي ڪري چڪا هئا، ان وقت به نماز قضا ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وئي.

آ گیا عین لڑائی میں اگر وقتِ نماز | قبلہ رُو ہو کے زمیں بوس ہوئی قومِ حجاز
ایک ہی صَف میں کھڑے ہو گئے محمود و ایاز | نہ کوئی بندہ رہا نہ کوئی بندہ نواز (2)

الله پاڪ توفيق بخشي، اسان کي نماز جي فڪر نصيب ٿي وڃي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم

---

[1]... مصنف عبد الرزاق، كتاب الطہارت، باب الجرح لا يرقا، جلد:1، صفحہ:116، حديث:579۔

[2]...کلیاتِ اقبال(اردو)،بانگِ دار،صفحہ:193 ۔

## (3) مؤمن با اخلاق هوندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪامِل مؤمن جي ٽِين ۽ اهم ترين نشاني سٺا اخلاق آهن. حديثِ پاڪ ۾ آهي: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّمَ فرمايو: اِنَّ اَكْمَلَ الْمُؤْمِنِيْنَ اِيْمَانًا اَحْسَنُهُمْ خُلُقًا يعني اهلِ ايمان ۾ وڌيڪ ڪامل ايمان وارو اهو آهي جنهن جا اخلاق سڀ کان سٺا آهن.[1]

معلوم ٿيو جنهن جا اخلاق جيترا وڌيڪ سٺا هوندا آهن، ان جو ايمان اوترو ئي وڌيڪ مضبوط ۽ ڪامل هوندو آهي. افسوس! هن معاملي ۾ ته اَڄ مسلمان تمام گهٽِ پوئتي آهن. اخلاقيات جو سبق اصل ۾ اسلام ڏنو پر اسان اخلاق ڇڏي ڏنا! غير قومن اسان وارا ئي اخلاق اپنائي ورتا. هاڻي حالتون اتي پهتيون آهن جو اسان پنهنجا ئي اخلاق غير قومن کان سکون ٿا، انهن کان ڪلاس وٺون ٿا، غير قومن جي اخلاقن جي تعريف ڪيون ٿا ۽ هي وساري وينا آهيون ته اصل ۾ هي اسان جو ئي ورثو هو، اسان نه اپنايو، ته ٻين اپنائي ورتو، پوءِ جن اپنايو، اهي دنيا ۾ ترقي ڪري ويا. اسان پوئتي رهجي وياسون.

| | |
|---|---|
| عدل ہے فاطِرِ ہستی کا اَزَل کا دَسْتُور | مُسْلِم آئیں ہوا کافِر تو مِلے حُور و قُصُور |
| کس کی آنکھوں میں سمایا ہے شعارِ اَغْیار | ہو گئی کس کی نگہ طرزِ سلف سے بیزار |
| قلب میں سوز نہیں، رُوح میں اِحساس نہیں | کچھ بھی پیغامِ محمد کا تمھیں پاس نہیں[2] |

**وضاحت:** عدل ۽ انصاف قدرت جو قانون آهي، جڏهن غير مسلمَن مسلمانن وارا طور طريقا، اخلاق اپنائي ورتا ته انهن کي ترقي ملي وئي. افسوس! مسلمانن جي اکين ۾ غيرن جا طريقا سمائجي ويا، هي پنهنجي اسلاف ۽ بزرگن جي انداز کان بيزار ٿي ويا، دلين ۾ سوز نه رهيو، روح ۾ احساس نه

---

[1]...مسند امام احمد، مسند عائشہ، جلد:10، صفحہ:189، حدیث:25414۔

[2]... کلیاتِ اقبال(اردو)،بانگ ِ دار،صفحہ:230، 231 ملتقطاً ۔

رهيو، ها! ها! تعليماتِ اسلام جو ڪجهه بہ خيال ۽ ادب نہ رهيو تہ مسلمان تَنَزّلي جي اونهي کڏ ۾ وڃي ڪريا.

## اُمّتِ مسلم خيرالاُمَم آهي

حضرت علامہ مفتي عبد المصطفيٰ اعظمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: هڪ مسلمان لاءِ زندگيءَ جو پهريون مقصد خيرُ الْاُمَمْ يعني بهترين اُمّت هجڻ آهي. جهڙي طرح ❁ گلاب لاءِ خوشبو ❁ موتي لاءِ چمڪ ❁ ۽ سج لاءِ روشني لازم ۽ ضروري آهي اهڙي طرح هڪ مسلمان لاءِ ❁ پنهنجن اعمال ۽ افعال جي لحاظ سان سيني اُمتن ۾ سڀ کان اعلىٰ، سڀ کان افضل، سڀ کان بهتر هجڻ لازم ۽ ضروري آهي ❁ عبادات ۽ معاملات هجن ❁ يا اخلاق ۽ عادات، مطلب تہ زندگيءَ جي هر شعبي ۾، زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين هڪ مسلمان خير ئي خير هجي. بس پوري زندگي قرآن ۽ سنت جو دامن پڪڙي سڌي رستي تي هلندو رهي، تہ جيئن ٻيون قومون مسلمان کي ڏسي هي پڪارين تہ (1)

| | |
|---|---|
| یہی وہ ہیں کہ جن کے واسطے خَتْمُ الرُّسُل آئے | انہی پر ختم ہے "خَیْرُ الْاُمَمْ" کی جلوہ سامانی |

**وضاحت:** هيءَ ئي اُها خوش نصيب اُمت آهي، جن جي هدايت لاءِ اللہ پاڪ پنهنجي سيني کان محبوب نبي، خاتَمُ النَّبِيّين کي موڪليو، انهيءَ اُمت کي خَيْرُالْاُمَمْ جو لقب ڏنو ويو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ آهي هڪ مسلمان جي پهرين ذميواري تہ مسلمان هميشہ خَيْرُ الْاُمَمْ يعني بهترين اُمّت بڻجي ڪري رهي. يقيناً جيڪو بهتر هوندو آهي، اهو آئيڊيل (*Ideal*) بہ هوندو آهي، ۽ جيڪو آئيڊيل هوندو آهي، اهو ٻين

[1] ...عرفانی تقریریں، بیان: زوال کے اسباب، صفحہ:99بتغیر قلیل۔

جي نقل ناهي ڪندو، ٻيا ان جي پنيان هلندا آهن. تنهنڪري ٿيڻ ايئن گهرجي تہ مسلمان اهڙو ٻڻجي رهي، جو ❁ ٻيون قومون ان جي پيروي ڪن ❁ مسلمان جا اخلاق اهڙا اعلىٰ هجن، جو ٻيون قومون مسلمانن کان اخلاق سکن ❁ مسلمان جو ڪردار اهڙو اعلىٰ هجي، جو ٻيون قومون ڪردار جي بهتري لاءِ ان جي صحبت اپنائين ❁ هڪ مسلمان جي عادات ❁ ان جا افعال ❁ ان جي گفتار ❁ طور طريقا ❁ چال چلت ايترا بهتر هجن، جو ان کي آئيڊيل ٻڻايو وڃي، ان جي پيروي ڪئي وڃي، ٻيون قومون ان جي ڪردار(Character) ، اخلاق ۽ عادات تي رشڪ ڪن ۽ ان کي ڏسي جيئڻ سکن.

پر افسوس! اڄ حالتون ابتڙ آهن، خَيرُالاُمم (بهترين اُمت) اسين آهيون، ٿيڻو تہ هيءُ هيو جو اسان ٻين لاءِ آئيڊيل ٻڻجون ها، پر اسان ٻين قومن کي پنهنجو آئيڊيل ٻڻائي ڇڏيو، ٿيڻو تہ هيءُ هيو تہ قومون اسان جي نقل ڪن ها پر اسان ٻين جي نقل ڪندڙ ٻڻجي وياسون، اسان ٻين جي نقل ڪرڻ لڳاسين: ❁ چال چلت ۾ ڪافرن جي نقل ❁ تعليم (Education) ۾ ڪافرن جي نقل ❁ اصول ۽ قانونن ۾ ڪافرن جي نقل ❁ ايتري تائين جو جوتا ڪپڙا خريدڻ ۽ کائڻ پيئڻ ۾ بہ غير قومن جي نقل ڪئي وڃي ٿي، افسوس! اڄ مسلمان ڪافرن جا فلسفا سکي وٺن ٿا پر قرآن نٿا سکن، پنهنجي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت کي نٿا ڏسن، ڪافرن جا انداز اپنائن ٿا.

| | |
|---|---|
| شور ہے ہو گئے دُنیا سے مسلماں نابُود | ہم یہ کہتے ہیں کہ تھے بھی کہیں مسلم موجود؟ |
| وضع میں تم ہو نصاریٰ تو تمدن میں ہنود | یہ مسلماں ہیں جنہیں دیکھ کے شرمائیں یہود(1) |

پيارا اسلامي ڀائرو! اڳي جا نيڪ مسلمان اهڙا ئي هئا، اهي ڪنهن قوم جي نقل نہ ڪندا هئا، اهي پنهنجي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

[1]... كلياتِ اقبال(اردو)،بانگ دارِ،صفحہ: 231 ۔

جون سنتون اپنائيندا هئا، قرآن مجيد جي ٻڌايل اصولن تي هلندا هئا، دنيا ۾ انهن جي ڌوم هئي، رب ڪائنات انهن کي ترقي عطا ڪئي هئي، انهن کي عروج بخشيو ويو هو، ڪافر انهن تي رشڪ ڪندا هئا، ايستائين جو انهن جي اخلاق ۽ ڪردار کان متاثر ٿي ڪفار ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويندا هئا . اچو! ان جي هڪ حسين جهلڪ پيش ڪريان ٿو جيئن.

## اخلاق ڏسي ڪري ڪافر مسلمان ٿي ويو

حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيري هڪ گهر ڪِرائي تي ورتو، ان گهر سان گڏ ئي هڪ يهودي جو گهر هو. اهو يهودي بُغض و عناد (دشمني) جي سبب نيساري جي ذريعي گندو پاڻي ۽ غلاظت پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گهر ۾ وجهندو رهندو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان ناپاڪي کي صاف ڪري خاموش ٿي ويندا هئا، آخرڪار هڪ ڏينهن ان يهودي پاڻ اچي ڪري چيو: جناب! منهنجي نيساري مان ڪِرڻ واري ناپاڪي جي ڪري اوهان کي ڪا شڪايت تہ ناهي؟ فرمايائون: نيساري مان جيڪا گندگي ڪِرندي آهي، ان کي ڌوئي ڇڏيندو آهيان، يهودي چيو: اوهان کي ايڏي تڪليف جي باوجود ڪاوڙ ناهي ايندي؟ فرمايائون ايندي تہ آهي پر ڀِي ڇڏيندو آهيان چوتہ (سيپارو: 4، سورتِ آلِ عمران آيت نمبر 134 ۾) الله پاڪ جو فرمانِ محبت نشان آهي:

| | |
|---|---|
| وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۴﴾ (پاره:4،سورۂ آلِ عمران:134) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ غصو پيئڻ وارا ۽ درگذر ڪرڻ وارا آهن ۽ الله نيڪ ماڻهن کي پسند فرمائيندو آهي. |

حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو اهو پيارو جواب ٻڌي ڪري اهو يهودي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.[1]

[1] ... تذڪرة الاوليا ، جلد:1، صفحه:51۔

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی | بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

اي عاشقانِ رسول! هي هئا اڳين زماني جا مسلمان...!! انهن جي اخلاق ۽ ڪردار کان متاثر ٿي ڪافرَ ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويندا هئا ۽ اڄ اسان جو حال ڇا آهي؟ اسان کي ڏسي ڪري ڪافر متاثر ته ڇا ٿيندا، ٿي سگهي ٿو اسلام کان نفرت ڪرڻ لڳن.

## ڪامل مومن جا ڪجھ پيارا پيارا اخلاق

الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. ڪاش! اسان چڱي اخلاق وارا ٿي وڃون. پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله پاڪ جو قسم! ٻانهو ان وقت تائين ڪامل مومن نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ اهوئي پسند نه ڪري، جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو. (1) هڪ حديث شريف ۾ فرمايائون: ان جو ايمان (ڪامل) ناهي، جيڪو امانتدار ناهي (2) ان جو ڪو دين ناهي، جيڪو واعدي جو پابند ناهي (3) هڪ روايت ۾ فرمايائون: ڏوڪو ڏيڻ مومن جي اخلاق مان ناهي (4) هڪ روايت ۾ آهي: مومن طعنو ڏيڻ وارو، لعنت ڪرڻ وارو، فحش (يعني بيهوده) ڳالهيون ڪرڻ وارو ناهي هوندو (5) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن جي شرَ کان ان جا پاڙي وارا محفوظ نه هجن، (اهو ڪامل) مومن ناهي. (6)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهن ڪامل مومن جا اخلاق...!! ڪامل مومن خيرخواهي ڪرڻ وارو هوندو آهي ڪامل مومن امانتدار هوندو آهي ڪامل

[1]... كنز العمال، كتاب الايمان، جز:1، جلد:1، صفحہ:36، حديث:96۔

[2]... مصنف ابن ابی شيبہ، كتاب الايمان، ما قالو فی صفة الايمان، جلد:7، صفحہ:211، حديث:2۔

[3]... مصنف ابن ابی شيبہ، كتاب الايمان، باب 6، جلد:7، صفحہ:223، حديث:50۔

[4]...الجامع لابن وہب، جز:2، صفحہ:588، حديث:487۔

[5]...ترمذی، كتاب البر والصلة، باب ما جاء فی اللعنة، صفحہ:481، حديث:1977۔

[6]...بخاری، كتاب الادب،باب اثم من لا يامن جاره...الخ ،صفحہ:1500، حديث:6016۔

مومن واعدي جو پڪو هوندو آهي ڪامل مومن ڏوڪو ناهي ڏيندو ڪامل مومن طعنا ناهي ڏيندو ڪامل مومن ڪنهن تي لعنت ناهي ڪندو ڪامل مومن بي حيائي واريون ڳالهيون ناهي ڪندو ڪامل مومن اهو هوندو آهي جنهن جي اندر صرف خير ئي خير، ڀلائي ئي ڀلائي هوندي آهي.

## مومن جو مثال

صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُما فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر هئاسين، پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کان هڪ سوال پڇيو، فرمايائون: اِنَّ مِنَ الشَّجَرِ شَجَرَةً لَا يَسْقُطُ وَرَقُهَا،وَ اِنَّهَا مَثَلُ الْمُسْلِمِ، فَحَدِّثُوْنِيْ مَا هِيَ يعني وڻن مان هڪ وڻ آهي، ان جا پن ناهن ڇڻندا، ان جو مثال مسلمان جيان آهي، ٻڌايو اهو ڪهڙو وڻ آهي؟ هاڻي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم سوچڻ لڳا (ته اهو ڪهڙو وڻ تي سگهي ٿو جنهن جا پن به ناهن ڪِرندا ۽ ان جو مثال مسلمان جيان آهي، ڪو ڪيئن سوچي رهيو هو ڪو ڪيئن). حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُما فرمائن ٿا: منهنجي ذهن ۾ ان سوال جو جواب اچي ويو (پر مان ننڍو ٻار هيس مون کان وڏي عُمر جا صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم موجود هئا)، ان ڪري انهن کان حيا ڪندي مون جواب نه ڏنو، آخرڪار پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻ ئي فرمايو: هِيَ النَّخْلَةُ يعني هي ڪجيءَ جو وڻ آهي. (1)

عالم سڳورا فرمائن ٿا: ڪجيءَ جو وڻ سڄو ئي خير ۽ ڀلائي آهي، ان جو هر هر جُز، نفعو ڏيندڙ، فائدي مند آهي ڪجيءَ جي پنن مان تڏو ٺهندو آهي، انهن مان رسيون به ٺاهيون وينديون آهن، اڳين زماني ۾ ڪجي جي پنن مان ماني رکڻ جي لاءِ ڇَٻيون(ٽوڪريون) به ٺاهيون وينديون هيون، هاڻي به ڪجهه علائقن ۾ هي رواج آهي ❁ اهڙيءَ طرح ڪجيءَ جا چوڏا ٻاهه ٻارڻ جي لاءِ به ڪم ايندا آهن، اڳين

---

[1]...بخاري، ڪتاب العلم، باب قول المحدث...الخ، صفحہ:88، حديث:61۔

زماني ۾ ان کي ڪپهه جي جاءِ تي وهاڻا ڀرڻ ۾ به استعمال ڪيو ويندو هو ۞ اڳين زماني ۾ هن کي چِتن ۾ گاڏر جي جڳهه تي به استعمال ڪيو ويندو هو۞ اهڙي طرح ڪجي جي ڪکڙِي جا به ڪوڙ فائدا آهن، انهن کي جانورن جي خوراڪ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي ان کي پِيهي ڪري استعمال ڪيو، طبي لحاظ سان نهايت فائدي مند آهي۞ باقي رهي ڪجور (ڪتل)، اها ته تمام گهڻي فائديمند آهي، ميوَن ۾ سڀ کان طاقتور ۽ گهڻو نفعو ڏيندڙ ميوو ڪجور کي مڃيو ويندو آهي ۞ دم، دل، جگر، گردن، مثاني، ڀِتي ۽ آنڊن جي بيمارين ۾ ڪجور فائدي مند آهي ۞ هي بلغم ڪڍندي ۽ وات جي خُشڪي کي دور ڪندي آهي. مطلب ته ڪجي جي وڻ جا فائدا ئي فائدا آهن.

اهڙي طرح مومن ٻانهي جو مثال به ائين ئي آهي، مومن ٻانهو به صرف ۽ صرف نفعو ڏيندڙ هوندو آهي، ان جو نقصان ڪو به ناهي ٿيندو. هي بَس ٻين کي فائدا ئي پهچائيندو آهي.

## مديني شريف جو هڪ خوبصورت واقعو

پيارا اسلامي ڀائرو: هي هڪ مومن جي شان آهي، مومن ٻانهو سچو خير ئي خير هوندو آهي. اڳي دور جي مسلمانن ۾ هڪٻئي جي خيرخواهي جو جذبو تمام گهڻو هوندو هو، اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة نقل فرمائن ٿا: ڪنهن حضرت سيدي قطبِ مدينه مولانا ضياء الدين مدني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: ياسيدي! ڀهريان جي (غالباً ترڪَن جي دور جي) مديني وارن کي اوهان ڪيئن ڏٺو؟ فرمايائون: هڪ مالدار حاجي صاحب غريبن ۾ ڪپڙا ورهائڻ جي نيت سان خريداري جي لاءِ هڪ ڪپڙا وڪڻڻ واري جي دڪان تي پهتو ۽ پسند جو ڪپڙو گهڻي مقدار ۾ گهريائين. دڪاندار چيو: مان آرڊر پورو ته ڪري سگهان ٿو پر منهنجي درخواست آهي ته اوهان سامهون واري دڪان تان خريد ڪيو چوته الحمدلله! اڄ منهنجو سُنو وڪرو ٿي ويو آهي، هن

ويچاري پاڙي واري دڪاندار جي آمدن ڪجهه گهٽ ٿي آهي. حضرت سيدي قطبِ مدينہ فرمايو: اڳين دور جا مديني وارا اهڙا هئا.(1)

دِل سے دُنیا کی الفت نکالو! اس تباہی سے مولیٰ بچا لو
مجھ کو دیوانہ اپنا بنا لو، یا نبی تاجدارِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) ڪامِل مومن خوفِ خُدا وارو هوندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو: ڪامل مومن جي نشانين مان هڪ اهم نشاني خوفِ خُدا بہ آهي. الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ خَشْيَةِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ﴿۵۷﴾ (پاره:18، اَلْمُؤْمِنُوْن:57) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ اهي جيڪي پنهنجي رب جي خوف کان ڊڄندڙ آهن. |

تفسير صراطُ الجنان ۾ آهي: يعني ايمان وارن جو هڪ وصف هي آهي تہ اهي پنهنجي رب جي عذاب کان ڊڄندا رهندا آهن.(2)

## امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو خوفِ خُدا

امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪي الله پاڪ جا ڪامل ولي ۽ ڪامل ايمان وارا آهن. علامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سندن متعلق لکن ٿا: امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جڏهن تشريف وٺي ايندا هئا تہ ائين لڳندو هو ڄڻ ڪنهن ويجهي دوست جي تدفين تان واپس آيا آهن ✿ ائين رهندا هئا ڄڻ باهہ سندن مٿي تي لٽڪي رهي آهي ✿ ائين ويهندا هئا ڄڻ ڪو قيدي آهي ۽ هاڻي ئي ان جو ڪنڌ لاٿو ويندو ✿ صبح هن حال ۾ ڪندا ها ڄڻ هاڻي قيامت جي هولناڪين مان گذري

---

1...بُرے خاتمے کے اسباب، صفحہ:14-15۔

2...صراط الجنان، پارہ:18، المؤمنون، زیرِ آیت:57، جلد:6، صفحہ:536 بتصرف۔

آيا آهن ❁ هڪ پيري ڪنهن سندن ڪان حال پڇيو تہ فرمايائون: وچ سمنڊ ۾ جنهن جي ٻيڙي ٽُٽي پئي، اهو بہ مون ڪان بهتر حالت ۾ هوندو. پڇيو ويو: ائين ڇو؟ فرمايائون: **مان گناهگار پانهو آهيان ۽ جيڪي ڪجھ نيڪيون ڪري سگھيو آهيان، اهي قبول ٿيون، يا منهنجي منهن تي هنيون ويندئون، مان نہ ٿو ڄاڻان.** (1)

يا الٰہی! جب بہیں آنکھیں حسابِ جُرم میں | اُن تبسم ریز ہونٹوں کی دُعا کا ساتھ ہو
يا الٰہی! جب حسابِ خندۂ بیجا رُلائے | چشمِ گریانِ شفیعِ مُرتجےٰ کا ساتھ ہو
يا الٰہی! رنگ لائیں جب مِری بے باکیاں | اُن کی نیچی نیچی نظروں کی حیا کا ساتھ ہو (2)

وضاحت: اي الله پاڪ! محشر جي ڏينهن جڏهن منهنجي نافرمانين جو حساب مونکي خوفزده ڪري ۽ اکين مان نيرَ جاري ٿي وڃن! اي ڪاش! ان وقت والضحيٰ جي چهري واري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُسڪرائيندي چپن جي دعا جو ساٿ ملي وڃي. اي الله پاڪ! جڏهن قيامت قائم ٿئي حساب ۽ ڪتاب جو خوف روئاري. ڪاش! ان وقت امت جي غم ۾ لڙڪ وهائڻ واري آقا جي شفاعت نصيب ٿي. اي الله پاڪ! جڏهن منهنجي گناهن ۽ بي حيائين جو پردو کُلي، ان وقت نگاهون هيٺ رکڻ واري، حياء واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياء جو فيضان نصيب ٿي وڃي.

پيارا اسلامي ڀائرو: هي بہ ڪامل ايمان جي نشاني آهي، جنهن جو ايمان جيترو مضبوط هوندو آهي، ان تي اوترو ئي خوفِ خُدا جو غلبو رهندو آهي. ڪاش! اسان کي خوفِ خُدا جي دولت نصيب ٿي وڃي. اسان جي اندر خوفِ خدا ڪيئن پيدا ٿيندو؟ ❁ان جي لاءِ قرآنِ پاڪ جي تلاوت جي عادت ٺاهي وڃي، خاص ڪري اهي آيتون جن ۾ الله پاڪ جي عذاب جو، جهنم جو، قيامت جو

---

[1]... آداب الحسن البصری، صفحہ:25- 26- 27،ملتقطًا۔

[2]...حدائق بخشش،صفحہ:133۔

ذڪر آهي، انهن آيتن جو ترجمو ۽ تفسير پڙهي ڪري ذهن ۾ ويهاري خوب توجهه سان باربار انهن آيتن جي تلاوت ڪئي وڃي❁ حديثن ۾ خوفِ خدا جو بيان آهي، اهڙيون حديثون پڙهيون وڃن ❁خوفِ خُدا تي مبني ڪتابن جو مطالعو ڪيو وڃي ❁خوفِ خُدا رکڻ وارن بزرگانِ دين جي سيرت پڙهي وڃي ❁جدول ناهي ڪري روزانو يا گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪ ڀيرو قبرستان حاضري ڏني وڃي، اتي فاتحہ شريف بہ پڙهي وڃي گڏوگڏ هن ڳالھ تي غور بہ ڪيو وڃي تہ عنقريب مونکي بہ قبر ۾ لهڻو آهي، ان وقت منهنجي بي وسي جو عالَم ڇا هوندو؟ پوءِ قبر جي معاملات تي غور بہ ڪيو وڃي دل ۾ خوفِ خُدا پيدا ڪرڻ ۽ وڌائڻ جي لاءِ هڪ ٻيو مدني گُل جيڪو امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تعليمات مان حاصل ٿيندو آهي اهو هي آهي تہ شروع ۾ خوفِ خدا صرف هڪ خيال جيان هوندو آهي، دل ۾ آيو ۽ ختم ٿي ويو، ڪڏهن اوچتو قبر جو خيال اچي ويو، ڪڏهن قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ جو خيال اچي ويو، ڪڏهن جهنم جو خيال اچي ويو، هي خيال بس ڪجهه سيڪنڊ جو هوندو آهي ۽ هي خيالات خوفِ خدا جي متعلق پڙهندو رهڻ سان، خوفِ خُدا جي متعلق بيانات وغيره ٻڌندو رهڻ سان حاصل ٿيندا آهن، پوءِ جڏهن هي خيالات دل ۾ اچڻ لڳن تہ پوءِ ضروري آهي تہ هنن خيالن کي دل ۾ مضبوط ڪيو وڃي، مثال طور روزانو رات جو اڪيلائي ۾ ويهي ڪري قبر ۽ آخرت جو تصور ڪيو وڃي، باربار قبرستان حاضري ڏني وڃي. هن طرح باربار خوفِ خدا وارن خيالن جو تصور ڪندو رهڻ سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! آهستہ آهستہ هي خيالات دل ۾ مضبوط ٿي ويندا.

ياربّ! ميں تيرے خوف سے روتا رہوں ہر دم | ديوانہ شہنشاہِ مدينہ کا بنا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! بااخلاق مومن بڻجڻ، خوفِ خُدا ۽ عشقِ مصطفيٰ حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو، 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ به آهي

نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سنّتِ مصطفيٰ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فجر جي لاءِ ويندي سُتلن کي جاڳائيندا هئا[1] ❁ مسلمانن جا چوٿان خليفه حضرت عليُ المرتضيٰ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ به هن پياري سنت جا عامل هئا.

❁اوهان به هيءَ سنت اپنايو! نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائيندا ڪيو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم ڪوڙ برڪتون ملنديون ❁بين کي جاڳائينداسين ته پاڻ کي به نماز فجر باجماعت پڙهڻ جي سعادت ملندي ❁ صبح صبح جو نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو ❁اوهان جي جاڳائڻ سان جيترا ماڻهو نماز پڙهندا، انهن سيني نمازن جو ثواب انهن کي به ملندو ۽ اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم اوهان جي نامءِ اعمال ۾ به لکيو ويندو ❁ صبح سوير پيادل هلڻ جو موقعو ملندو ته صحت چڱي رهندي ❁ هڪ اهم فائدو هي ته مسجد جي رونق وڌي ويندي، هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: اسان سردين ۾ نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ شروع ڪيو ته ايترا نمازي وڌي ويا جو مسجد جي صحن ۾ شاميانا لڳائڻا پئجي ويا. سبحان الله!

ڪا مشڪل نه آهي، جماعت جي وقت کان 20، 25 منٽ پهريان اٿي وڃو! فجر جي نماز جي لاءِ ته وڃڻو ئي آهي، صدا هڻندا وڃو! دعوت عام ڪرڻ جو ثواب به ملي ويندو. نيت ڪري وٺو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائيندُس. اچو اوهان جي ترغيب لاءِ صداءِ مدينه لڳائڻ بابت هڪ مَدَني بهار ٻڌايان ٿو.

---

[1]...ابو داؤد، صفحه:208، حديث:1264۔

## فَيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ملي

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: دَعوَتِ اِسلامي جي مَدَني قافِلي سان گڏ اسان هڪ شهر ۾ وياسين، فَجِر جي آذان کان پوءِ اسان فجر جي لاءِ جاڳائڻ وجي رهيا هئاسين تہ اوچتو ڪنهن گهر مان هڪ ماڊرن نوجوان اسان سان اچي شامِل ٿيو ۽ ان فَجر جي نَماز مَسجِد ۾ باجَمَاعَت ادا ڪئي. بعد ۾ ان نوجوان جو والِد مَدَني قافِلي وارن عاشِقانِ رسول سان ملڻ آيو. جيڪو هڪ مالدار شخص هو. اُن اچي ٻڌايو تہ صداءِ مدينہ جي بَرَڪت سان ان جو نافرمان ماڊرن (Modern) بي نَمازي پٽ پَنج وَقت نَماز پڙهڻ لڳو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه ان ماڊرن (***Modern***) نوجوان جي والِد متاثر ٿي ڪري ان شهر ۾ مَدَني مَرڪز فَيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ڏئي ڇڏي.

| | |
|---|---|
| تِرا شکر مولا دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول |
| یقیناً مقدر کا وہ ہے سکندر | جسے خیر سے مل گیا دینی ماحول |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نعت ڪوليڪشن (Naat Collection) موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالوجي جو دور آهي. اَلحَمْدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اسمارٽ فون (***Smartphone***) جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي I.T ڊيپارٽمنٽ جي طرفان هڪ ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي: جنهن جو نالو آهي) Naat Collection: **نعت ڪوليڪشن** ❁ هن ايپلي ڪيشن ۾ اعليٰ حضرت، شهزادگانِ اعليٰ حضرت، برادرِ اعليٰ حضرت، خليفہ اعليٰ حضرت، مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِم ۽ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪلامن کي شامل ڪيو ويو آهي❁ هر ڪلام جي مجموعي ۾ ڪلامن کي حرف تهجي ۾

رديف جي ترتيب تي ڏسي سگهجي ٿو جڏهن ته سرچ بار مان پنهنجو مطلوبہ ڪلام آساني سان ڳولهي سگهجي ٿو ❁ مختلف ڪلامن ڪي ويڊيو/ آڊيو ۾ فري ڊائون لوڊ بہ ڪري سگهو ٿا .❁ پسنديده ڪلام ڪي نشان لڳائي ڪري باربار ٻڌي سگهجي ٿو❁اوهان پنهنجي پسنديده ڪلام ڪي مائي ڪليڪشن فيچر ۾ محفوظ ڪري سگهو ٿا جڏهن ته ڪلام يا شعر ڪي ڪاپي ڪري واٽس اپ، فيس بڪ، ٽوئيٽر وغير تي آساني سان شيئر ڪري سگهجي ٿو. هن ايپ ڪي پاڻ بہ ڊائون لوڊ ڪيو ۽ ٻين ڪي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

هر چنڇر تي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، اينڌڙ چنڇر تي بہ رات جي وقت مدني چينل تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سوالن جا جوابَ بہ عنايت فرمائيندا. تمام ذميدارَ ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائين ۽ ٻين ڪي بہ هن جي دعوت ڏين. شيخِ طريقت اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، اينڌڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو اميرِ اهلسنت جي مديني جي سفر 1980 ڪان واپسي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين ڪي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثال طور واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين ڪي بہ شيئر (*Share*) ڪيو! مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي زندگي مبارڪ هر مسلمان جي لاءِ مشعلِ راهِ آهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ڪي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تمام گهڻو حصو حاصل هو. مڪتبةُ المدينہ سندن زندگي مبارڪ تي 2 جلدن تي هڪ ڪتاب بنام: فيضانِ فاروقِ اعظم شايع ڪيو آهي. تمام اسلامي ڀائر هن

ڪتاب جو جلد پهريون 1300 روپين ۽ جلد ٻيون 590 روپين ۾ مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان قيمت ڏئي طلب فرمايو. پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

## منڊي پائڻ جون سُنّتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مرد کي سون (***Gold***) جي منڊي (***Ring***) پائڻ حرام آهي. سروَرِ ذيشان، رحمتِ عالمِيان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سون جي منڊي پائڻ کان منع فرمايو آهي ❁ نابالغ (يعني تمام ننڍي) ڇوڪري کي سون جا زيور پارائڻ حرام آهي ۽ جنهن پارايا اهو گنهگار ٿيندو، اهڙيءَ طرح ٻارن (يعني ڇوڪرن) جي هٿ پيرن تي بلا ضرورت ميندي لڳائڻ ناجائز آهي، عورت پنهنجي هٿن پيرن تي ميندي لڳائي سگهي ٿي، پر ڇوڪرن کي لڳائيندي تہ گنهگار ٿيندي. ❁ لوهہ جي منڊي جهنّمين جو زيور آهي ❁ مرد جي لاءِ اها منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊي وانگر هجي يعني هڪ نگيني (ٻڙي) جي هجي ۽ جيڪڏهن ان ۾ (هڪ کان وڌيڪ يا) گهڻا نگينا هجن تہ پوءِ ڀلي چاندي جي هجي مَردن جي لاءِ ناجائز آهي ❁ بنا نگيني (ٻڙي) واري منڊي پائڻ ناجائز آهي جو هي منڊي ناهي، ڇلو آهي، ❁ چاندي جي هڪ منڊي هڪ نگ واري جيڪا وزن ۾ ساڍا چار ماشہ (يعني چار گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي پائڻ جائز آهي. عيدن ۾ منڊي پائڻ مستحب آهي. پر مرد اها ئي جائز واري منڊي پائي ❁ مرد کي گهرجي تہ منڊي جو ٻڙو تِري واري طرف ۽ عورت منڊي جو ٻڙو هٿ جي پُٺيءَ جي طرف رکي ❁ چاندي

جو ڇَلو خاص عورتن جو لباس (يعني عورتن جو ئي خاصو) آهي مردن کي مڪروهِ (تحريمي، ناجائز و گناهہ آهي) ❁ عورت سون چاندي جون چاهي جيتريون منديون ۽ ڇلا پائي، پائي سگهي ٿي، ان ۾ وزن ۽ نگينن جي تعداد جي ڪا قيد ناهي ❁ لوهہ جي منڊي تي چاندي جو پاٽي چاڙهي ڇڏيو جنهن سان لوهہ بلڪل بہ نظر نہ ايندو هجي، ان منڊي جي پائڻ جي (مرد ۽ عورت ڪنهن کي بہ) منع نہ آهي.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہیۓ گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہیۓ چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو[1]

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:669۔